دعوت العشق

رسالو

حضرت صوفي پهلوان فقير رحمة الله عليه

صوفي القادري

دعوت العشق

رسالو

حضرت صوفي پهلوان فقير رحمة الله عليه

صوفي القادري

مرتب ۽ ڇپائيندڙ

فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا

ايڊووڪيٽ سڀاش چندر فتح چند ڪارڙا

سنجئہ ڪمار فتح چند ڪارڙا

ڊاڪٽر اجيت ڪمار فتح چند ڪارڙا

ڪرتار فتح چند ڪارڙا

ڇپائيندڙ جا مڙئي حق محفوظ

ڪتاب جو نالو:	دعوت العشق
سرجڻهار:	حضرت صوفي پهلوان فقير ﷫ صوفي القادري
ڪمپوزر:	عبدالرحمن لُنڊ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ:	نديم احمد سولنگي
ڇاپو پهريون:	1952ع
ڇاپو ٻيون:	1984ع
ڇاپو ٽيون:	مارچ 2011ع
ڇپيندڙ:	آزاد ڪميونيڪيشنز, ڪراچي فون: 32737290_021
قيمت:	200.00 روپيا

ملڻ جو هنڌ

فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا

فتح ڪلاٿ هائوس

ڪلاٿ مارڪيٽ, جيڪب آباد

فون: 652455_0722

موبائل:7338188_0333

فهرست

سوانح حضرت صوفي پهلوان فقير رحمة الله عليه صوفي القادري 11

اعلیٰ شان شرف دلبر دا هئی سهڻل سائين ميڏی سر دا هئی. 43
آوي رانجهن آوي منهن مهتاب ويکاوي اگڻ اسا ڏي تي ول ماهي قدم مبارک پاوی. 44
اُداسی هون درشن دکا يار مجهکو پياسی هون پُر جام پلا يار مجهکو 45
اکيان عشق واليان دي گوڙها نت گڙهن سڏکيان سور کنون ڏيندی روز رڙن 46
اَبرو صيف صنم مجگان تير ماری سينی پار گيا هويا زخم جاری. 47
ايهو قول کيتم اقرار در دلبر دا چوڙ نہ ويسان 48
افراد عمر گئی ساری - مئين سولان نال گذاری 49
انصاف عشق تيڏی آوڻ دا وچ سنڌ سنڌ سور جگاوڻ دا 50
اَی مبارک ماه سانون — تاب تيڏا پانودا 51
آرام آش زڙدا شزا — بياکی زهيران زُڙ ثغان 52
آيم عشق کری. ٿئيا ٿئيا، سر ننگا نت نيهن نچايا. 53
اَچي عشق لاتيون — عجب هي بهاريون، ڏنائين ذوق ذاتي - اندر پر اٿاريون 54
ايها باه برهه دی سينی ساڏی پلدا، ساڙيا جسم جدائی جيرا جان پيا جلدا. 55
آک سدا اُسناد حسن دا، ول ول کر گفتار ايهو. 56
الاهی اذن سی اَحمَد — بنا صورت بشر آيا 57
آيا علی بهادرِ ليئی مدد پيغمبر، پايا هئی شرف کعبه تؤلد هُوئا هئی اندر 58
اَٹايا فتح کا اَلم هات حيدر، مدد گار همدم نبی سات حيدر 59
اسم اَسد الله الغالب — علی مدد پيغمبر دا 60
برهه بازار پر بيشک — هوئا ليلام هو گئی لک 62
بڑی روب سی حسن حملا دکايا، هوئا هوش حيران جب عشق آيا. 63
بات بره دا کل بر حال جتان عشق اولنبا لايا، بار اُجار کريندا لعل 64
بڻ سک دی سانگ مزور نهين، پيا بانهپ کر منظور نهين 65
بيوس جندڑی جلدا پور پون پلپل دا، نال سکايل دی ول سهڻا منهن ڏی 66

مُحبت نہ کلدا
بيوٽا مهربان پرور- حبيب الله کُرِي سرور 67
بيسو آخت اظهار ازلي اصيلين، ڪِ سبحان صورت اي جلوه جميلين 68
بيا بيا ڪ دلبر زهير بيسغان، اشتي دوستي در دان فقير بيسغان 69
برسر بار صبر دا چاوڻ- منصب خان حسين دا هئي 70
تخت هزاري دا مالڪ – هڻ جهنگ سيال آيا. چاڪ سڏايا رانجهن 72
- ٿي منجهيان وال آيا
ٿيا مولا کو منظور محمّد منصب پايا هئي. مُرسل منصب پايا هئي 73
اسيڏا شافي آيا هئي.
ثنا بولون بهادر کا – شبيري شاه صابر کا 74
ثنا شاه محمّد اعلىٰ عبادت، ڏيڻا عشق اعتبار سانون صداقت 75
پچن جيڏيون ٿيو چا ٿي، منهنجي دل دوست سان ڦاٿي 76
پيو پيچ پنهل سان روز زال، لکيو لوح قلم ميثاق مهل 77
پنڌ پيم هيکل ڙي اُڏيون – اجهو ناهي عمل، اڳي ٿي ڏاڍو ڏاه ڏونگر 78
جو
پيري مغان سانون سچ سمجهايا- اسم اعظم علم حفاظ 79
پڙ پر پاڪ شهيد ٿيا- منهنجا ماريا مرد امي، ماريا مرد امير – ايهي 80
درد کيا دلگير
جابر دنيا جا چڏ جشن، آهي عشق مولا جو امن 81
جتان عشق الاهي آونڊائي – کهه قمر قمر جلد جاڳاونڊائي 82
جو کرنا تا کار کوئي کين کمايوسي، کوئي کين کمايوسي 83
ايوين ساڌ سڏايو سي
جتان لڳڻي سي وت چاڻ، اور نہ چاڻن عامر برهه بنايا بي آرام 84
جتان لڳي آهي عشق الاهي – حق هُو هُو پڙهن سدا ئي 85
جلد جهٽيو آهي عشق عقاب، شمر هٽي دل کي چنبين چايو 86
جدا دم دوست کا نہ سري، کيان کيئن کيچ ٿيم پري 87
چرکان حُسن چڪا کي بيدار کيئا، وصلي درشن کا حال هوشيار 88
کيئا
چاڪ بهاني رانجهن آيا – تخت هزارين دا مالڪ 89
حبيبي هاشمي حضرت مبارڪ آرها رحمت 90
حسن کا جلوه ڏنهين سنسار پلايا، دنيا عقبا اَب کجا اظهار پلايا 91
خوب حسن دا جلوه جنگي، هردم حملا کريندا وهوا 92
دل ديکر درد ليکر يهي واپار مشکل هئي 93

دیا عشق آتش النبی اندر، جدائی جلایا هئی جان و جگر 94
دم دم دلبر دوست سنیاریان — هوت بنان هت کیئن گذاریان 95
دیا عشق اسانون خاص خبر، تحقیق تسلا هئی خاطر 96
دل اکیون جند جان — محکم پیچ پنهل سان پاتو 97
دل دم دم دوست سنیاری، ڏس ٻئي در کین نهاری 98
دل ڦر ڳیا پنهل پیارا - مینکون درد جدائی دی ماریا 99
درد وندن سان دلبر - کاوڙ کا ڪجي، دوست دلاسو ڏجي 100
دوست ڳنڍئي دل کس وو یار - زوري حکم هلائيئي 101
برهه کیتم بیوس وو یار - نازین نال نوائیئي
ڈکی درد همیشه کربل والی سفر دا، پاسی پلک نه تیسی ایها آگ اندر دا 102
ڈون پهرین دا راه مسافر — وطن ڈنهین واجهاء 103
ڈیئي پیار کیئي ڈار — سڙي ساه سکندي، لڳا نینهن رات ڈینهن — 104
درد ایها دکندی
ڈکڙي دانهان کردي — رورو سڏکیان پردي، آگ اندر وچ دود ڌهن — 105
دل ساڑیا درد هجر دی
رُخ صنم اَفطاب انور — دلربا دیدار دیدم 106
رخ ویک لبان دی لعلی — سک آگ اندر وچ بالی 107
زرب زیاده دي چکي هین — چوک چشمان یار کا، لادوا در شن 108
سوا- ای درد مین بیمار کا
سجڻ دی وال سهٹا سلسل- مقید کر ڳدوني دل 109
ساڄي حسن سلطان اوخود نهین دگر، خم ویک میم پل نه جا مومن 110
مگو بشر
سُتڙي چوڙ رهاڻ — کیچ ڏهون هڻ هل و، ماندي منزل ماڻ — نال 111
پنهل وچ مل وی
سور سهائڻ سچ آیو هُو سهایو، سر عوشاقان میر محبت 112
سئینون ساڑیا درد هجر دا- نت ناز کنهن دلبر دا 113
سهٹی صورت جی اڳی بڌم هاک، هاٹی منهن ڏسی من تیو مشتاق 114
سونهن پرئي سیّد تي کرم کیو آ قادر، کرم کیو آ قادر مالک مهر 115
نظر
سبحان سیر ثابت معلوم هوٹا هئي مذکور، شب روز خیال یک 116
هئي محبت کیٹا هئي مخمور
شاهي اَمر سلطان مرسل مجتبا آیا، رحمت الاهي عاصیان بهري 117
شفا آیا

شوق شهادت کا برسر آيا هئي، برسر آيا هئي مين شکر الايا هئي. 118
شاهه علي جو لاڏلو حق پيارو، دولهه لعل حسيني تون نبي جو آل 119
شان حضرت کا صحي لائق صفت سردار هئي،، حب پنجتن کي هميشه ياد چارئي يار هئي. 120
صفت شاهه کا آپ حضرت کها. گفت انامدينتلعلم علي باب ها. 123
عمر ساري ڳيم سکندي — قديمي درد پئي دکندي 125
عشق الاهي نور جستن آپ سمايا، مرحبا منظور تحفه ازلي آيا 126
عشق الاهي حملا کرکي اندر جسکي آيا هئي، اندر جسکي آيا هئي بن حاکم حکم هلايا هئي. 127
عشق اندر وچ وڙ ڳيا يار — دل کون دلبر رمز رلايا 128
عربي سرا عنايت — بيسا رب مهرباني 129
گراني قدر قريشي — سردار مرسلاني
في ظلم مصباح محبت — عشق اعليٰ نور هئ، وقت او ثابت نهين — عاشق درد سی دور هئي. 130
فرياد کرتا هون مگر —سنتا نهين صنم، قسمت هماري دست کاتب کيا کيئا قلم 131
قسمت آندي هتڙي ٻانڌي —آهيان ماندي مارن کاڻ منهنجو ساهه سکي ٿو سنگهارن کاڻ 132
کوله طبيبان کيون وت جاوان — دوا جزي ديدار نهي، ناحق نوڙ وکاوان کهنون — برهه دگر بيمار نهين 133
کيئا بره بيدار جائي جلد جڳاوڻ آي، جائي جلد جڳاوڻ آيا نڑ نڑ ناز سهاوڻ آيا 134
کرڙ دنيا دی ڏوڙ ڏنڏا هئي - پارس عشق الاهي 135
کيهان کين کتهن سان تي لوريان اندرم، وهاري وڏئي يار سک جي ستر م 136
ڪرم کريم کيئا سرور پر ديا اذن شفاعت 137
مولا پاک فضل فرمايا بی شمار عنايت
کهون همر ناد علي حيدر، بهادر لوٹ ليئا خيبر 141
کولی اکڙيون نينهن نظر سان پنهنجو پرين سڃاتم 142
کول هکايت واليان اکيان- حال هکو کر ڏون نہ ملان 143
لک مبارک مومنو آيا شفيءُ المذنبي، مير مرسل نور نرمل رحمت العالمين 144

145 لکڻ لاءِ حيلا هزارين کيا ٿم، اچي عشق آفت اندر پر پيو ٿم
146 لکيو لوح قلم ايهو انگ ازل جو، دوستي وارو دم ناهين اهڙ ذکله جو
147 مشرف ملک پر مولا الاهي عشق سينگار، نهايت نينهن جي نورڙن
ٿيو روشن دنيا ساري
148 منهن منور محب کا آيا حسن همکو نظ، هم دوبارهه دوست کي
ديدار ليئي منتظر
149 محب مولا ٿرا پيارا کناسان دوست ديدارا
150 ميري دل کو جلايا جدائي ستم، هٿي هٿي دير کيٺا کيون نه آيا صنم
151 منهن مهتاب گلابي صورت عجب حسن دلدار دائ، وهوا زيب
زينت زلفان دا ابرو سيف اولاردائي
152 من موهي مست کيتوئي دلبر — هک خيال ڏتوئي شام سحر
153 مرحبا آيا هٿي مرسل — حسن صحي سلطان ايهو
154 موهي من مخمور سهٺا — ميغ مئيء کي محبت ماري
155 منهنجو سکندي سيوئي جمارويو —سهٺا دردوندي جي سنڀار کيو
156 مين ٿيوان صدقي صنم — تيڏي سهٺي سينگار د، رات کو
روشن کيٺا هٿي — رخ ميڏي دلدار دا
157 ملک هزاري والا هٿي سچ سلطان ماه، چاک بهاني آيا تي جوگي جوان
ماهي.
158 مرشد ميڏا عاشق اعليٰ رهبر رکيل شاه ڏنم
159 نهم واقف اس باتون کا -آيا زوري زور اندر وچ عشق مچايا شور
160 نينهن لاوڻ تي نڀاوڻ — بهون مشکل بات و، سوين پيڙان ڏيون
پيڙان — ڏک ڏينهان رات وو
161 نال دمان دي اور اندر وچ — قلبي ذکر کماوڻ سک
162 ريا چوک چشمن جا وهي — جاتي لڳا سي ٿيا صحي
163 وچ وک هٿي ٿوري گهٽي چڏ آسرا آرس نه کر
164 وچ معرفت ميدان پر گردان سر هوئ، حاجت نهين اَب عقل کا
مڙکڻي مگر هوئا
165 ويتر واند نهين دم هک تلدي، پوندي پور اُسانون پلپلدي
166 وهوا محبت دا ميدان ڏنم — جنگ اکبر دي وچ جوان ڏنم
167 واند نهين هک تل وو يار — ڏيندا سور نه سام، آيم حسن هکل وو
يار — جلدي جيءَ جڳائيئي
168 ورد وظائف وهوا مليا نينهن نعمت
169 هٿي هٿي کري هيئن تي چوان — مون کي هوت هنڙي ويو چڏ، هن در،

جون دانهون ڏيان – سهڻل بنان ڪنهن ڪي ڪڍي
هئي هئي اگي چو نہ مُيم – اچي ڏيل ڏکڙن پر پيم 170
هئي هئي ڪران مئين سڻ لوڪ ڪلد، واقف نہ ڪوئي سيڏي درد دلدا 171
هم ڪو لگا تيرا طلب – يڪ خيال هوئا روز شب 172
هوءِ دانهان ڪريندي درد دل – جل ٻل جدائي دا هيل 173
هڪ هڪايت هويا جس دل – ڪردي اور خيال نهي، جب ساق، سڏ جام پلايا- ٿيوڻ مست محال نهين 174
هس ڪس نيتوئي يار وي ميا، من ميڏي لٽ ڦر زوري 175
هستيون هاٿ وڏائي وڃائڻ وو، ڪم اوڪو ٿي نينهن نڀائڻ وو 176
ياد هميشہ سانون سهڻا دلبر هئي، خيال هڪو هڪ شام سحر هئي. 177
بي لولاڪ سارا بنايا هئي قادر، محابي نبي مصطفیٰ شاهہ سرور 178

بيت

اُتي جاڳ سجاڳ ٿي سگهي ڪر سنيار 181
اُتي جاڳ سجاڳ ٿي نہ سمهہ ويندو وقت 181
باري باب برهہ دا بيشڪ مخفي مير پڑهيندن 182
بيشمار شهابان وانگر ٿيون مينڪون اکيان 182
پچڻ اچي ها پرين دوست هلي مون در 183
پياري خان پنهل دي سانگي پڇديان وات وندر 183
جو ڪيتا هئي عشق مگر ڪيا ڪري قسمت 184
چوري چوڙ چير وچ پنهل ڪيچ سڌائي 184
ڪون اکيندا عشق سهانگا ساڏي ليکي ڏل 185
لاٿي ليڪا يار ڏنهين ڪر حجت هڪ نہ پاوين 185
محبت نال فريب نہ ملدا هئي اوڪا عشق ڪماوڻ 186
مليا يار پرين جا جيئن منهن منور ماهہ 186
نال غمان دي عمر گذاريم تي سڪندي سڪندي ساري 187
عشق اگڻ آيو جنهنجي گهر گهڙي 187
مين دانهين ٿي در دلبر دي ڳئيان فتم پور فريادي 188
سڏ استاد ڏتا استادي سچ سمجهايا معنیٰ 188
ڪاهڻ پاڄهون ڪيچ ڪي وڃي ڪين رسن 189
الف اول اسم الله جل عالیٰ شانهو سنيارياٺون سڪ ساڻ 190
ب- بيٺون برابر برهہ جو ڀرو پاتائون 190
ت: تيٺون تحفہ يار جا آيا سچ سلام 190
ث: ثيٺون سدا سڪ پر رهن تا ثابت 190

ج: جيمون جڳائي جيءَ کي ڪيائون بيدار 190
ح: حيئون حڪم حق جو سچ صفا چائو 191
خ: خيئون خبر تن کي جيڪي محبت منجهه مرن 191
د: دالئون دلاسو دل کي تا ڏيئي سمجهائين 191
ذ: ذالئون ذڪر ذاريون ڪري اهي عام نہ ٻڌائين 191
ر: ريئون رباني راهه پر هليا ثابت سهارو 191
ز: زيئون ذوق انهي پر رهندا ڏينهان رات 191
س: سينو سور سهايو سهڻ سڪ ويو 191
ش: شينئون شڪر شاڪرن ڪيو ادب ساڻ اُداهه 192
ص: صوادئون صاحب سڪ جا سونهن منجهه صبر 192
ض: ضئادئون ڏوهن کي ڏسي تا روئن زارون زار 192
ط: طوئي طمع کي ڇڏي حرصون هڏ نہ ڳار 192
ظ: ظوئي ظاهر ڪر نظر لاهي غير گمان 192
ع: عينو عاشقن کي قاتي جو فرمان 192
غ: غينو غفلت کي ڇڏي دلئون دوست سنيار 193
ف: فيئون فرمايو ڏٺي بيشڪ بيپرواهه 193
ق: قافئون قوي قلب کي ڏوئي صفا ڏر 193
ڪ: ڪافئون ڪارڪرن تا چورن واري چال 193
ل: لامئون ليڪا يار سان ڏيهي ڪجهه نہ ڪن 193
م: ميمئون مطلب من جا پاتائون سارو 193
ن: نونئون نعرو نينهن جو هڪل جن هنيا 194
و: وائون ويهه نہ ويسلا جو ازل اڇئو ٿي 194
هه: هي هيٺائي هلڻ آهي نيچائي نعمت 194
لا: لامئون لائق سي ٿيا جيڪي وحدت پر وهلور 194
ئ: الف ايرادي پر آهن آديسي اداس 194
ي: يئون ياد ڏٺي کي ڪرن تا هردم 194
گرفتا دوست نازان دل بہ همدم، ڪزئي قابوئي در گيسوءِ خم خم 197
من سوالي آن ئي در دوست درگيان، من ڪنا عرض ٿئو محب باسٺي مهربان 198
ياد ڪاران من خدايا رب پاڪين پرورا.، هر صبوح عرضو سدائين مئي گري رب درا 201
منا مسڪين الله هٺي ثناگر، ڪنان ق عاجزيءِ هوش آهر 204
ڪنا ياد من ڪريمين قادرارا، همان ڪ خلق الله لئو نهارا 206

پيش لفظ

سرڪار حضرت پهلوان فقير صوفي القادري جي رسالي دعوت العشق جو پهريون ڇاپو اٽڪل 1952ع ڌاري ڇپيو هو. ٻيو ڇاپو 1984ع ۾ سنڌ سجاڳ پريس جيڪب آباد مان سائين رند علي فقير صوفي القادري سان گڏجي ڇپايو سين. گذريل 25 سالن کان فقير سائين جي رسالي تي اڻ تڻ جي باوجود نئين اشاعت جو آغاز نه ٿي سگهيو. مون ناچيز جي راءِ موجب شايد فقير سائين پنهنجي منزليت ۽ روحانيت کي لوڪان لڪائي رکڻ واري ڳالهه تي عمل ڪري ان کي وٿيرڪو ڪري رهيو هجي. نيٺ هي نمائي ڪوشش وري به فتح پور جي مالڪ سائين چيزل شاهه صوفي القادري جن جي اشاري ۽ حڪم موجب ڪتاب کي نئين انداز ۾ ڇپرائڻ لاءِ ڪئي وئي آهي. اميد ته هي پڙهندڙن کي توڙي مريدن ۽ سلوڪ سان واسطو رکندڙ سيني ماڻهن جي روحاني غذا جو سبب بڻجي.

هن کان اڳ محبوب سائين حضرت رکيل شاهه صوفي القادري جو ڪتاب بحرالعشق ترتيب وار چوٿون ڇاپو 1995ع، پنجون ڇاپو 2001ع، ڇهون ڇاپو 2005ع ۽ ستون ڇاپو 2008ع ۾ ڇپرايا آهن. پهريون، ٻيون ۽ ٽيون ڇاپا تمام گهڻو اڳ ڇپرايا ويا هئا.

مالڪ سائين چيزل شاهه صوفي القادري جن جو ڪتاب بحرالعشق سال 1983ع ۾ پهريون ڇاپو، 2001ع ۾ ٻيو ڇاپو، 2004ع ٽيون ڇاپو، 2008ع ۾ چوٿون ڇاپو سهيڙي ڇپرايا آهن. هينئر وري دعوت العشق جي ٽئين ڇاپي جو ڀاڳ ماڻي رهيا آهيون.

دعوت العشق جي پروف ريڊنگ لاءِ سجاده نشين سائين غلام سرور سنڌس ڀائرن فقير عبدالمجيد ۽ فقير صحبت علي جن جو ٿورائتو آهيان. جيڪڏهن رسالي دعوت العشق جي ڇپائي ۾ ڪا غلطي ٿي هجي يا ڪو ڪلام ڇپجڻ کان رهجي ويو هجي، ته ناچيز کي اطلاع ڏيندا، جيئن آئينده ڇاپي ۾ اُها پورائي ڪئي وڃي.

فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا
مارچ 2011ع

سوانح

خاندان

جناب حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ؒ جن ڏومڪي بلوچ خاندان مان گولاڻو شاخ جي اسلامائي پاڙي سان تعلق رکندا هئا. سائينجن جا وڏا صوبي بلوچستان ۾ آباد هئا.

فقير سائينءَ جو والد محترم حضرت ٻڍو فقير ؒ، اتان هجرت ڪري جيڪب آباد شهر جي ويجهو اٽڪل ڇئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اوير طرف ڳوٺ رند واهيءَ ۾ اچي آباد ٿيا. ان وقت انگريزن جي حڪومت هئي. انگريزن فقير سائينءَ جي قدر شناسي ڪنديءَ ڪيس ٿوري گهڻي زمين ۽ جاگير ڏنائون. هن وقت حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ؒ جي جتي درگاهه شريف آهي، سا زمين به سائينجن جي پنهنجي جاگير مان آهي.

فقير سائينءَ جو والد محترم حضرت ٻڍو فقير ؒ نهايت نيڪ ۽ خداترس انسان هو. غريبن، مسڪينن ۽ يتيمن سان گهڻو پيار ڪندو هو. ڪيس شعر ۽ شاعريءَ سان گهڻو لڳاءُ هوندو هو. پاڻ مختلف زبانن ۾ شعر چيا اٿن.

حضرت ٻڍي فقير ؒ جي مزار سندس ڳوٺ کان اڌ ڪلوميٽر کن مفاصلي تي، پير گنج بخش ؒ جي قبرستان ۾ واقع آهي.

ولادت باسعادت

جناب حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ؒ سنه 1292هجري ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ رندواهي جاگيرجيڪب آباد ۾ حضرت ٻڍي فقير ؒ جي گهر ۾ تولد ٿيا.

پيدائش جي ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد سندس والده پنهنجي ننڍڙي فرزند کي، وهنجاري سهنجاري، پينگهي ۾ سمهاري پنهنجي گهرجي ڪم ڪار ۾ مصروف هئي ته اوچتو سندس نگاهه وڃي ان پينگهي، تي پيئي ته اتي، يعني پينگهي تي هڪ وڏو دهشت ناڪ ڪاريهر نانگ ڏٺائين جنهن جون اکيون بجليءَ جي چمڪاٽ جيان چمڪن پيون. نانگ کي ڏسندي ئي امڙ سائڻ جي دانهن نڪري ويئي. ان وقت حضرت پڌو فقير رحمه الله جن گهرجي ٻاهران ويٺل هئا. اوچتي دانهن ٻڌي يڪدم گهر اندر آيا ۽ ڏٺائين ته ڪاريهر نانگ ڪر متي ڪنيو ويٺو آهي. اها حالت ڏسندي ئي منجهس اولاد جي محبت جوش ڪاڙو، پاڻ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي اڳتي وڌيو ته اهو قدرتي اسرار غائب ٿي ويو. پنهنجي ننڍڙي فرزند کي صحيح سلامت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. اهو قدرت جو هڪ معجزو سو جنهن ظاهر ۾ به فقير صاحب کي فيضياب ڪيو.

جيئن پاڻ فرمايو اٿن ته:

پينگهي منجهارون "پهلوان"،
اچي سور ٿيا سونهان سنوان،
اهي ڳالهيون ڳجهيون ڪنهن کي چوان،
سڪندي عمر ساري ويم.

فقير سائينجن ان متعلق وڏيڪ فرمائين ٿا ته:

پينگهي منجهارون پرتو آئي قدم ڪڙڪو ڪيو
رينجهي تن سان روح ويو دل دست دلبر جي پئي

فقير صاحب ننڍڙي لاڪون ئي پينگهي منجهه ئي "عشق ڪاريهر" جا گهايل ٿي چڪا هئا. پاڻ روز ازل کان ولي عاشق الله، عاشق رسول ﷺ ۽ صوفي درويش هئا. ان ڳالهه جي گواهي ڏيندي پاڻ فرمائين ٿا ته:

صورت پرين دا "پهلوان"، ديدم حُسن شاهِ جهان،
ڪيڏي زمين و آسمان، اسيڏا ملاقات ٿيا اول.

انهيءَ مان ثابت ٿيو ته:

جڏهن نه زمين هئي نه آسمان، فقير سائين ان وقت اها صورت ڏٺي ۽ ملاقات ماڻي، مطلب ته ان وقت کان وٺي پاڻ کي مجلس محمد ﷺ حاصل ٿي.

مجلس محمدي ﷺ هر جاءِ سج مثل روشن آهي ۽ ان مجلس جو طالب، ان جي حضور ۾ ان ذري برابر آهي، جيڪو سج کان، ڪڏهن به جدا نه ٿو ٿئي.

حديث شريف ۾ آهي ته:

"من راني راۓ الحق ان الشيطان لايتمثل ربي"......

يعني: "جن مون کي ڏٺو ان گويا خدا کي ڏٺو ڇو ته شيطان منهنجي صورت ۾ ڪڏهن ظاهر نه ٿي سگهندو." ۽ ارشاد الاهي آهي ته:

"نهذا مقام مکنون لا يمسه الا المطهرون."

يعني: "هي اهو پوشيده مقام آهي، جنهن تي پاڪ ماڻهوئي پهچن ٿا."

ننڍپڻ

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ ننڍي هوندي کان ئي فرمان بردار، محنتي، باهمت هوشيار ۽ باڪردار شخصيت جا مالڪ هئا. پاڻ ننڍپڻ کان ئي نرم لهجي ۽ شفقت ڀري نظرن سان نهايت خوبصورت انداز ۾ گفتگو ڪندا هئا. ننڍن ٻارن سان راند روند ڪو نه ڪندا هئا. پاڻ هر وقت ڳنڀير ۽ اونهي خيالن ۾ رهندا هئا.

جيئن پاڻ فرمايائون ته:

"خود خيال خاموشي رهي، تو مت کهو مغرور هئي،
سير شبحان الذي، وحدت اندر وهلور هئي."

حقيقت ۾ اهي ڪامل انسان آهن، جيڪي پاڻ کي موت کان اڳ ماري وجود جو ورق ڏوئي، حقيقي مالڪ کي اوڏو اچن ٿا ۽ فرمان الاهي آهي ته:

"موتو قبل ان تموتو"

يعني مرڻ کان اڳ مري وڃ.
ان باري ۾ فقير صاحب جن بہ فرمائين ٿا تہ:

"جستن آوندا ڏکڙي ڏيندا، برسر نازک ناز سهيندا،
پهلي موت ضرور مرجيءَ منصب پايا."

دراصل طالب المولىٰ پهريان موت کي اختيار ڪري، موت جو پيالو پيئي ٿو تہ ان جو نفس مري وڃي ٿو ۽ دل زنده ٿي پئي ٿي، روح نفس کان خلاصي حاصل ڪري ٿو ۽ توحيد الاهيءَ ۾ غرق ٿي وڃي ٿو تڏهن سندس وجود پاڪ ٿي وڃي ٿو.
فقير سائين فرمائين ٿا تہ:

"ماري منائج نفس کي، توحيد سان تابع ڪجي،
پئمال ٿي سواري سهي، نِت نت نوايو سورهن."

حديث شريف آهي تہ:
"نفسه فقد عرف ربه من عرف نفسه بالفناء فقد عرف ربه بالبقاء."
ترجمو: "جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو ان پنهنجي رب کي سڃاتو ۽ جنهن پنهنجي نفس کي فنا سان سڃاتو ان پنهنجي رب کي بقا سان سڃاتو."
نفس جي مرڻ يا قتل ٿيڻ مان مراد آهي تہ هو شرڪ، ڪفر، حرص، حوص ۽ تکبر کي ڇڏي ڏي ائين ڪرڻ سان، سمجهڻ گهرجي تہ ڪامل مرد جو نفس دنياوي لذتن کان پاڪ ٿي وڃي ٿو ۽ صفائي قلب سان، پاڪ روح، معرفت جي عبادت ۾ مشغول رهي ٿو ۽ نفس اماره، نفس "مطمئنہ" جو درجو حاصل ڪري ٿو.
فقير سائينجن ننڍي هوندي کان ئي عشق الاهيءَ ۾ محو هوندا هئا.
پاڻ فرمائين ٿا تہ:

ننڍي لاءِ نينهڙا لايا، پلئي ڏک "پهلوان" پايا،
هنڙين ميلا دا مهل آيا، تون آوڻ دا سنيها گهل.

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ ننڍپڻ کان ئي صفائي پرهيزگاريءَ کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا.

تعليم و تربيت

ارشاد آهي تہ:

وعلمنا من الدنيٰ علما

يعني: ۽ مون کان انهن کي معرفت علم لدني حاصل آهي.

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ جڏهن ڇهن ورهين جا ٿيا تہ دنيا جي ظاهري دستور مطابق، سندس والد محترم، کيس ڳوٺ جي مولوي صاحب وٽ تعليماتِ قرآن پاڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو. پاڻ جڏهن صبح جو مولوي صاحب وٽ سبق وٺڻ لاءِ حاضر ٿيا ۽ قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ شروع ڪيائون تہ مولوي صاحب حيرت ۾ پئجي ويو. اهو عجب نظارو ڏسي، سندس والد محترم سان احوال ڪيو تہ اوهان جو فرزند ڪنهن عامل ۽ ڪامل استاد کان درس حاصل ڪيل آهي.

جيئن صوفي صاحب جن پاڻ فرمائين ٿا تہ:

هويا حضرت عشق منادي، سڏ استاد ڏتا استادي،
وهواه سبق سکايا هادي، پڙهي "پهلوان" سنيال.

مولوي صاحب جي واتان اهڙي عجيب خبر ٻڌي، سندس والد محترم ڪجهہ دير خاموش رهيو پوءِ اهو پينگهي وارو عجب نظارو ياد آيو ۽ چيائين تہ سندس فرزند، عاشق الله، عاشق رسول ﷺ ۽ ڪامل هستي آهن.

ان متعلق صوفي صاحب وڏيڪ فرمائين ٿا تہ:

کول ڪتابان لفظ دکايا، سبق ثبوتي صنم سکايا
جب مين اس کا مطلب پايا، هوئا مثل چڪور.

سائينجن نور قرآني سان روز ازل کان روشن ٿي، باقي تعليمات کي ترڪ ڪيو جو تہ الله جي ڪامل درويشن کي دنيوي علم جي ڪا بہ ضرورت ڪا نہ هوندي آهي.

والد محترم جو وصال

حضرت صوفي پھلوان فقير صوفي القادري رحمة الله عليه جڏهن ڏهن ورهين جا ٿيا ته سندس والد بزرگوار هن فاني دنيا مان رحلت ڪري دار البقا ڏانهن راهي ٿيا. حضرت صاحب کي والد جي جدائي جو گهڻو صدمو رسيو. اڪثر اڌ رات جو اڪيلائيءَ ۾ قبرستان وڃي پنهنجي والد سائين جي مزار تي حاضري ڀريندا هئا ۽ اتي گهڻو وقت رياضت ۽ عبادت ۾ گذاريندا هئا. صبح ٿيڻ شرط واپس پنهنجي جاءِ تي هليا ايندا هئا.

اهو قبرستان جتان ان زماني ۾ سج لهڻ کان پوءِ ڪو ماڻهون گذري ڪو نه سگهندو هو پر صوفي صاحب ننڍي هوندي ئي هر رات ان قبرستان ۾ ايندا ويندا هئا. ڇو ته الله وارن ڪامل هستين جي ويجهو ڪو ڀوت يا بلا اچي نه ٿو سگهي. ان لاءِ جو انهن درويشن جو خيال عشقِ الاهيءَ ۽ وحدانيت ۾ محو هوندو آهي.

جيئن پاڻ فرمائين ٿا ته:

"عشق جنهن دي اڱڻ آوسي، هردي وچ ڀڻا پوسي،
نت نت درد نهايت ڪاوسي، عشق نهين آسان
جتان لڳيئي سي وت ڇاڻن، اور نه ڇاڻن عام برهه بنايا بي آرام."

هڪڙي رات سائينجن کي گهر وارن بستري تي نه ڏسي، پريشان ٿي ڳولڻ لاءِ نڪتا. ڪيس ڳوليندي ڳوليندي قبرستان ڏانهن رخ ڪيائون. جڏهن قبرستان جي ويجهو پهتا ته فقير سائينءَ کي مستن وانگر ڏسي حيران ٿي ويا ۽ ڪائڻ سوال ڪيائونس، پر پاڻ سوال جو جواب ڪو نه ڏنائون ۽ خاموشيءَ سان گهر موٽي آيا.

جيئن پاڻ فرمائين ٿا ته:

"خيش قريب عزيزان ڳئيان،
بي پرواهان دي پڙ پئيان،



حضرت صوفي رند علي فقير صوفي القادري

فقير بابو غلام سرور عرف سائين پهلوان فقيرصوفي القادري
موجوده سجاده نشين
درگاهه حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري
جيڪب آباد

ان واقعي کان پوءِ ڪيڏانهن بہ ڪو نہ ويندا هئا.

پاڻ ننڍپڻکان ئي ڏينهن جو زماني جي ڪم ڪار کي عين فرض سمجهي، سهڻي نموني سان سرانجام ڏيندا هئا ۽ رات جو واحد جي وحدانيت ۾ گذاريندا هئا.

ان لاءِ پاڻ فرمائين ٿا تہ:

"پهلوان" هڪو هڪ وحدت،
رک رمز اهائي ثابت،
شب خيزي نال محبت،
ديئا بهتر برهہ بهالي

حديث شريف ۾ آهي تہ:

"من عرف الله لم يكن له لزة مع الخلق"

يعني: جنهن الله تعاليٰ کي سڃاتو پوءِ ان کي خلقت جي وچ ۾ ڪجهہ لذت نہ ٿي رهي.

فقير صاحب جن جو بہ اهو ئي خيال هوندو هو تہ اهڙي گجهي عبادت جي ڄاڻ ڪنهن کي بہ نہ پوي

شادي مبارڪ ۽ اولاد

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ جون ٻہ شاديون هيون پهرئين گهر مان ڪيس ٽي فرزند هئا.

1۔ سائين رمضان فقير صوفي القادري ﷫.

2۔ سائين مدد علي فقير صوفي القادري ﷫.

3۔ سائين خاوند بخش فقير صوفي القادري ﷫.

ٻئي گهر مان ڪيس چار فرزند هئا.

1۔ سائين رند علي فقير صوفي القادري ﷫.

2۔ سائين لطف علي فقير صوفي القادري ﷫.

3۔ سائين حاجن فقير صوفي القادري

4_ سائين صحبت علي فقير صوفي القادري رحمه الله

انهن فرزندن مان فقط حاجن فقير هن وقت حال حيات آهن. باقي سڀ فرزند هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري دارالبقا ڏانهن سڪونت پذير ٿيا. سائين جن جا فرزند پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

حقيقت ۾ سائين جن جي اولاد ڪنهن به لفظي تعريف جي محتاج ڪا نه هئي.

شاعري

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري رحمه الله ظاهري دست بيعت ٿيڻ کان اڳ ئي پاڻ شاعري ڪندا هئا. سائين جن هفت زبان صوفي شاعر آهن. سندس شاعريءَ ۾ سرمستي، عاجزي ۽ انڪساريءَ ڪانسواءِ حمد تعريف خدائي ذوالجلال، مداح، سرور ڪائنات ﷺ ثناءِ پنجتن پاڪ عليهم السلام، صفت مرشد پاڪ، همه اوست به شامل آهن.

دراصل فقير صاحب جيڪي به شعر چيا آهن سي اکين سان مشاهدو ماڻي حقيقت پيش ڪئي اٿن.

سائين جن جي شاعريءَ جو گهڻو داستان غائب ۾ داخل ٿيو ڇو جو پاڻ هن فاني جهان سان گهٽ لاڳاپو رکندا هئا. جيئن فرمائين ٿا ته:

"دنيا ڇوڙ خزانے خواهش، دست بردار ٿيو سي
عزت، لذت، منصب، منتا، طرحين ترڪ ڪيو سي،
دردان هوش گوايا، ڪئيا محو محبت."

فقير سائين پنهنجي محبوب سان عشق، ذوق ۽ محبت جي خاطر دنياوي لذتن کي ترڪ ڪري پنهنجي حقيقي مالڪ جي طلب رکي، جيئن پاڻ وڌيڪ فرمائين ٿا ته:

"پهلوان" نہ مانگي دور وَ دگر، اس دنيا کي عزت اعليٰ قدر
مولا ميل مهر سي وه دلبر، جس کا شان هئي صاحب عرب عجم.

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري رحمه الله شاعري ته ننڍپڻ

کان ئي ڪئي، پر سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو محفوظ نہ رهي سگهيو. جڏهن سندس وڏو فرزند سائين رمضان فقير رحمه الله ٿورو وڏو ٿيو تہ پاڻ ڪجهہ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سائين جن جي شاعريءَ کي محفوظ ڪري هڪ ننڍو ڪتاب تيار ڪيو جيڪو "دعوت العشق" جي نالي سان مشهور ۽ محفوظ آهي، جنهن کي سندس فرزند حضرت رند علي فقير صوفي القادري رحمه الله هن کان اڳ بہ دفعا پريس مان ڇپرائي منظرِ عام تي آندو آهي.

دست بيعت

فرمان الاهي آهي تہ:

"يا ايها الذين امنو تقوالله وابتغو اليه الوسيلة"

يعني: اي ايمان وارو! الله تعاليٰ کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو.

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري رحمه الله جن کي پنجٽيهہ 35 سالن جي عمر ۾ دست بيعت ٿيڻ جو شوق جاڳيو ۽ ڪامل مرشد ڳولڻ لاءِ ڪجهہ سير و سفر بہ ڪيائون.

جيئن حديث نبوي ﷺ آهي تہ:

"الرفيق ثُم الطريق"

ترجمو: "پهريون رفيق جي تلاش ڪريو پوءِ رستي تي هلو."

انهيءَ متعلق حضرت خواجہ غلام فريد رحمه الله فرمائين ٿا تہ:

"تتي جوڳڻ تي چوڌار قران
هند، سند، پنجاب دي ماڙ قران،
سڄ، شهر بحر بازار قران،
متان يار ملي ڪنهن سانگ سبب."

انهيءَ سبب پاڻ سيوهڻ شريف ۾ حضرت لعل شهباز قلندر رحمه الله جي زيارت ڪيائون، سچل سرمست رحمه الله، بيدل فقير رحمه الله ۽ راڻي پور جون زيارتون ڪري واپس پنهنجي آستاني تي آيا، ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد

سندس ڳوٺ کان ٿورو پريءَ کنڊو خان جي ڳوٺ ۾ جناب عزت المعاب سُلطان العارفين حضرت سيّد رکيل شاهه صاحب نوراني صوفي القادري رحمة الله عليه جن آيل هئا ته انهيءَ ڳالهه جي خبر...

سائين جن کي پيئي ته پاڻ ۽ ملنگ فقير گولاڻو جيڪو هميشه خدمت ۾ گڏ هوندو هو ساڻس گڏجي زيارت لاءِ آيا ۽ ديدار لاءِ بيحد منتظر هئا. ڪجهه گهڙيون گذرڻ کان پوءِ مرشد سائينءَ جي شاهي ڪچهري منعقد ٿي. ڪچهريءَ ۾ سڀ ماڻهو حاضر ٿيا ۽ فقير سائين به باادب ٿي، ڪجهه پريرو ٿي ويٺا. حضرت پير ڪامل مرشد رمز سان نهاري ڏٺو ته اکيون اکين سان لڳي ويون ۽ دل ۾ پڪ ٿي ته مون کي ڪامل مرشد ملي ويو ۽ فرمايائون ته:

"مرشد ميڏا عاشق اعلىٰ،
رهبر رکيل شاهه ڏٺم."

پاڻ ملنگ فقير کي حڪم ڪيائون ته توهان مالڪن کي منهنجي دست بيعت جي لاءِ عرض ڪريو ۽ ٻڌايوس ته فقير شاعري به ڪندو آهي. ملنگ فقير يڪدم اُتي حڪم کي بجا آڻيندي عرض ڪيو جيڪو مالڪن قبول فرمايو ۽ فقير صاحب سان مخاطب ٿي، سندس شاعري ٻڌڻ لاءِ حڪم ڪيو. امر موجب فقير سائين جن "الف" کان وٺي "ي" تائين سي حرفي ٻڌائي جنهن کي سائين جن غور ۽ خاموشيءَ سان ٻڌو ۽ فرمايائون ته "تون رات جاڳيندڙ آهين ڇا؟ فقير سائين نهايت عاجزيءَ سان عرض ڪيو ته:

"قبلا سائين مان ته ڪاهل آهيان، حضور جن پنهنجي ڪرم نوازي ڪن"

جيئن پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ به فرمائين ٿا ته:

"مان ته اصل ڪٿون لوهه نڪارو پارس منهنجو پرين پيارو، مرد فقير فتح پور وارو فيض والا درياهه ڏٺم" ايتري ۾ ڪچهري برخاست ٿي ته مرشد سائين، فقير کي پنهنجي تنهائيءَ واري

جاءِ ۾ گهرائي، تلقين فرمائي ۽ ذڪرِ الاهي ڏيئي، دست بيعت ڪيو.

جيئن پاڻ فرمايائون ته:

مستي مئي ميران پور والا، شاهه رڪيل هٿ پيتم پيالا، پر
پر ڏيندا عاشق اعليٰ، ساقي شرڪ پيار دا هئي."

ظاهري دنيا وارن لاءِ مرشد جو هجڻ لازمي آهي. حديث شريف ۾ آهي ته:

"من لاشيخ له فاشيخ هوالشيطان"

يعني: "جنهن ڪي مرشد نه آهي، انهيءَ جو مرشد شيطان آهي".

مرشد سائين، فقير صاحب جي راهنمائي ڪري رهبر ٿي راهه ڏيکاري، ڀرپور فيضياب ڪيو جيئن فقير سائين فرمائين ٿا ته:

"فتح پور ۾ ميرا هئي مرشد بحال،
پيري مغان دست ديئا دلال،
نظر سي ڪيئا "پهلوان" ڪو نهال،
دکايا سِڪايا هئي قلبي ذڪر."

فقير سائين پنهنجي پير مرشد محبوب سائين جو روز ازل (ميثاق) کان پڪو ۽ سچو عاشق هو جيئن پاڻ فرمايائين ٿا ته:

"هئي مرشد ميڏا شاهه رڪيل،
مئين دست ڳڌا ميثاق مهل،
مطلوب مليوسي روز ازل،
اهواج ڪلهه دا مذڪور نهين."

مرشد سائين به مٿن گهڻو مهربان هوندا هئا. فقير صاحب پنهنجي ڪامل مرشد کان اسم اعظم ذڪر الاهي ملڻ سان، سندس اندر ۾ عشق مولا جو اولنبو ڪري اٿيو جو پنهنجي جوان مردي ۽ صبر سان برداشت ڪيائون. ان متعلق پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ فرمائين ٿا ته:

اندر عشق اماڙيان ماريا، اهو مچ محبت پار ڏتا،
لوڻ لوڻ ۾ اولنبي اتار ڏتا، اهو آگ نهين هٿي اجها وڻ دا."

فقير صاحب حقيقي عشق جي آڙاهه ۾ گهڙي پيو. پاڻ ڏينهن رات واحد جي وحدانيت ۾ گذارڻ لڳو. پاڻ اڪثر مخفي حالت ۾ رهندا هئا، جيئن پنهنجي سي حرفيءَ ۾ فرمائين ٿا ته:

"ڪائون ڪار ڪرن ٿا، چورن واري چال،
لوڪن کان لڪيا وتن، بندگي ۾ برحال
عمل عملن صالحن ٿيا، نيڪي ساڻ نهال،
لڏائون ڳجهي ڳالهه، وڃي در پڳا ڏٺيءَ سان.

ايتري قدر جو هڪ ذرو به ظاهر نه ڪيائون

"هڪ سڪ پيو صبر،
آهي مردن جو مرڪ"

باوجود انهيءَ جي اڃان به ڪنهن کي خبر نه پئي ته پاڻ ڪو ڪامل مردِ صوفي درويش آهن.

راز و نياز جون ڳالهيون

هڪ دفعي فتح پور شريف ۾ جناب عزت المعاب، سلطان العارفين، حاضر پرُ نور عارف عامل هاديءَ ڪامل، نور اعليٰ حضرت صوفي سيّد رڪيل شاهه صاحب صوفي القادري ﷫ جن پري ڪچهريءَ ۾ فقير صاحب سان مخاطب ٿي فرمايائون ته:

"حاجي سپ وڃن ٿا حج ڪرڻ مڪي مديني شريف ڇو نه اسان به گڏجي حج ڪري اچئون" فقير سائين نهايت عاجزيءَ سان عرض ڪيو ته "قبلا سائين! مالڪ جن پلجان وڃن، منهنجو حج ته هتي فتح پور شريف ۾ مالڪن جي زيارت آهي. جيئن پاڻ پنهنجي شاعري ۾ به فرمائين ٿا ته:

"بيشمار شهابان وانگر، تيون منڪون اڪيان،
ويڪان پيري مغان دا صورت، مٿين چشم سيو چاٽڪان،
ويڪان ويڪان رج نہ تيوي، اجان نين نهايت بکيان
ڪعب رخ مهتاب ميڏي پيري مغان دا، مٿين ڪر ديدار نہ ٿڪان،
آکي صوفي "پهلوان" تيہ حج هزارين لڪان."

سائين جن ان گفتگو کان پوءِ، هاسو مبارڪ ڪٺي زمين تي وڏي ليڪ ڪڍي ۽ فرمايائون تہ، "فقير هتان ٽپ"!

فقير صاحب ادب سان عرض ڪيو تہ قبلا سائين! سائين جن اڳتي تين ۽ اسان پنيان هلڻ لاءِ تيار آهيون" اجان بہ مالڪ سائين رازو نياز جون ڳالهيون ڪندي وڏيڪ فرمائين ٿا تہ:

"جبل ڇا سان ٽڪبو آهي"؟

ايتري ۾ فقير سائين با ادب عرض ڪرڻ لڳو تہ "قبلا سائين! جبل اڪين جي "پنبڙين سان ٽڪبو آهي" وڌيڪ فرمايائون تہ: ڪاري رات هڪ جبل جي مثل آهي، ان کي اکين جي اوجاڳن سان ٽڪي ڏينهن ڪرڻو پوندو آهي"

اهي انسان جفاڪش ۽ جهاد وارا مرد مجاهد آهن، جيڪي سڀ نفسي خيالات ۽ خواهشون پوئتي هٽائين ٿا، انهن مرد مجاهدن کي هر وقت هميشہ پنهنجي مولا سائين ۽ محبوب مرشد پاڪ جي يادگيري ۽ تارتنوار لڳل هوندي آهي.

جناب امام عالي مقام حضرت علي ﷺ جن جو فرمان آهي تہ:

"اڌ رات جو مٺي ننڊ ڦٽائي، ذڪر مولا ڪرڻ افضل ترين عبادت آهي، سڄي دنيا ننڊ ۾ هوندي آهي اڌ رات جو آسمان ۾ قدرتي چانڊي جهڙي سفيد ۽ وڻندڙ روشني ذڪر ۽ فڪر وارن کي نصيب ٿيندي آهي."

جڏهن فقير اسم الله جي ذڪر ۾ مشغول رهي ٿو تہ ان جي بدن جو هر هڪ وار زبان کولي ٿو ۽ جوش ۾ اچي ..... الله الله ڪري ٿو ۽ ان جي دل نعرو هڻي، هُو هُو پڪاري ٿي ۽ روح هوالحق جو فرياد ڪري ٿو ۽ نفس

ان ورد ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو "ربنا ظلمنا انفسنا" ۽ اسم الله جي وجود جي مشق محبوبي ۽ معشوقي مرتبو رکي ٿو. انسان جي وجود ۾ ٻه دم آهن. هڪ اهو جو اندر وڃي ٿو ٻيو اهو جيڪو ٻاهر اچي ٿو. انهن جي مٿان ٻه فرشتا مؤڪل آهن. جڏهن انسان اندر جي طرف دم وٺي ٿو ته مؤڪل الله تعاليٰ جي حضور ۾ عرض ڪري ٿو اي پروردگار! مان اندر دم قبض ڪريان يا ٻاهر وڃڻ ڏيان؟ دم جڏهن ٻاهر اچي ٿو ته ٻه اهو عرض ڪري ٿو ۽ اهو دم جو اسم الله جي تصور سان ٻاهر نڪري ٿو ته اهو نوراني صورت ۾ بارگاهه الاهيءَ ۾ هليو وڃي ٿو ۽ مثل موتيءَ جي ٿئي ٿو جنهن جي قيمت جو مقابلو ٻنهي جهانن جي اسباب ٻه نه ڪري سگهندو ۽ اهو بي بها موتي آهي. ان لاءِ فقيرن کي الله تعاليٰ جو خرانچي چون ٿا:

حديث شريف ۾ آهي ته:

"الا نفاسُ معدودة کل نفس يخرجُ بغير ذکر الله فهوميت"

يعني: ڳڻيل دم آهن. جيڪو دم بغير ياد الاهي نڪري ٿو اهو مرده آهي."

اولياءَ الله هن دنيا ۾ دلي چاهه ۽ چاهت نه ٿا رکن. مگر هن دنيا ۾ گذارڻ جو حڪم بجا آڻين ٿا. هو فقط خدا جو طالب آهي. هو جو ڪجهه چاهي ٿو فقط خدا لاءِ جي ان کي خدا جي نعمت جي ٻه طلب ٿئي ٿي ته محض ان لاءِ جو نعمتون خدا جون ڏنل ۽ ان جو فضل و احسان آهن ۽ فقير صرف خدا جي خاطر ان جي نعمتن جو طلبگار آهي.

فتح پور شريف ڏانهن پنڌ ڪرڻ

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ پنهنجي هادي رهبر محبوب مرشد سائين جي زيارت لاءِ فتح پور شريف تائين پنڌ ويندا هئا. ڪڏهن اڪيلا ته ڪڏهن وري فقراءَ ساڻ ڪري. جڏهن اتي پهچندا هئا ته هادي رهبر محبوب مرشد سائين جي حضوري ڪچهري ۾ وڃي با ادب ٿي. سيني فقراءَ کان پوئتي ويهندا هئا. هڪ ڏينهن پري ڪچهري ۾ فقير سائينجن پنهنجي دستور مطابق سيني ماڻهن کان

پوئتي ويٺا ته اوچتو هڪ ماڻهو تڪڙ مان فقير سائينءَ جي اڳيان لنگهيو ته ايتري ۾ پاڻ حضور جن فرمايو ته: "پري ٿيو پري ٿيو پري ٿيو. فقير وٽ عشق جي باهه جو ڪورو ٻري ٿو متان جر ۾ سڙي وڃو." ايتري ۾ سڄي ڪچهري خاموش ٿي وئي. پوءِ پاڻ فقير سائينءَ سان مخاطب ٿي فرمايائون ته:

"صوفي توهان اتان اٿي، اڳتي اچي ويهو متان بيخبر ماڻهو اوهان کي لتاڙن"

پاڻ مالڪن جي حڪم بجا آوري ڪندي اتان اٿي، تورو اڳتي ٿي ويٺا. مالڪن وري ٻيهر فرمايو ته "اچا اڳتي اچو" ۽ پنهنجي پر سان ويهڻ جو اشارو ڪيائون. پاڻ اتان خوف ۽ دهشت مان حڪم بجا آڻيندي ادب سان محبوب مرشد سائين جن جي پر سان اچي ويٺا ۽ ويهڻ سان ئي با ادب ٿي، پنهنجو ساڄو هٿ وڌائي پيري مغان جي پهراڻ مبارڪ جي دامن ۾ پختو وڌائون ۽ عرض ڪيائون ته: قبلا سائين! منهنجي ۽ منهنجي اولاد جي هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ٻه پارت اٿئو. اهو عرض سائين جن قبول فرمائيندي چيو ته "هائو فقير ذمو ڪنيوسين."

سبحان الله فقير صاحب پنهنجا ۽ پنهنجي اولاد جا ديني ۽ دنيوي سڀ ڪم، پنهنجي محبوب مرشد سائين جي حوالي ڪري پاڻ تارڪ دنيا ٿيا.

جيئن فقير سائين پنهنجي سي حرفي ۾ فرمائين ٿا ته:

"دالئون دلاسو دل کي ٿا ڏيئي سمجهائين،
ومن يتوڪل علي الله فهو حسبه نڪي ٻئي ڏانهن واجهائين،
ديني دنيوي ڪم ڙا سڀ سائين ڏي پائين،
سچا سي آهين، وڃي ڏرپڳا ڏٿيءَ سان."

ان باري ۾ قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته:

"افوض آمري الي الله ان الله بصير بالعباد

يعني: "مان پنهنجا ڪم خدا جي سپرد ڪريان ٿو بيشڪ الله تعاليٰ

پنهنجي ٻانهن کي ڏسي ٿو. “ ۽ فقير سائين جن وڏيڪ فرمائين ٿا تہ:

لامقصود في الدارين ڏونهين سنسار کنون هٿ چاوڻ
نينهن نعمت ”پهلوان“ سڪ ثابت توڙ نڀاوڻ ”

سائين جن جو اهو ئي واعدو اقرار آهي جو اڄ تائين بہ فقير صاحب جي اولاد جي مٿان بيحد مهربان آهن.

فقير سائين جن سال ۾ ٻہ ڀيرا فتح پور شريف ويندا هئا ۽ اتي تقريباً ٻہ ٽي ڏينهن رهي، پنهنجي مرشد سائين جن جا قدم مبارڪ چمي، اجازت وٺي واپس پنهنجي لانڍيءَ (جاءِ يا آستانو) تي ايندا هئا.

تاج پوشي

هڪ دفعي جناب حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري صاحب جن پنهنجي فقراءَ سميت محبوب مرشد سائين جن جي زيارت لاءِ روانا ٿيا. ۽ پنڌ ڪندي خيريت سان اچي درگاهہ شريف پهتا. دستور مطابق وقت تي شاهي ڪچهري منعقد ٿي. فقير صاحب پنهنجي فقيرن سميت مرشد سائين جا قدم مبارڪ چمي ڪچهريءَ ۾ ويٺا. مرشد سائين سندس ۽ فقراءَ جو حال احوال ورتو. ڪچهري برخاست ٿيڻ کان پوءِ فقير سائين پنهنجي جاءِ تي اچي آرامي ٿيا. رات جو سيني فقراءَ لاءِ ٻنيءَ مان ننگر آيو پر فقير سائينءَ لاءِ جيڪو ننگر مالڪ سائين پاڻ واپرايو ان طعام مان پنهنجو اوبر، خاص فقير جي مٿان ڏياري موڪليو. پاڻ اهو ننگر نوش ڪيائون.

صبح جو دستور موجب مالڪ سائينءَ جي ڪچهري ٿي. گهڻي پنڌ ڪرڻ ۽ اوجاڳن سبب فقير سائينءَ جون اکيون اٿلي پيون هيون ۽ اتي حاضر ڪو نہ ٿي سگهيا. مرشد سائين ڪچهريءَ ۾ ڪيس ياد ڪيو. پاڻ اهو حڪم ٻڌندي ئي يڪدم پنهنجي جاءِ تان اٿي ڪعبتہ الله شريف ڏانهن منهن مبارڪ ڪري ٽي دفعہ آهستي، حيدر حيدر چئي اچي دربار ۾ حاضر ٿيا. پيري مغان پنهنجي طالب کي پر ۾ ويهاري فرمايو تہ ”اسان

کي طالب توهان جهڙا کپن" پوءِ ڪيس تاج پوشي ڪرائي، خاص هدايت ڪيائون تہ "هاڻي اوهان ماڻهن کي تلقين ڪري ذڪر الاهي ڏيئي دست بيعت ڪريو. هي فيض امانت تحفو توهان جهڙن سچائي وارن فقيرن لاءِ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي گهڻي محنت، رياضت ۽ عبادت سان حاصل ڪن ٿا. فقير هاڻي پاڻ کي نہ لڪايو" مرشد سائين، فقير صاحب تي گهڻو مهربان هئا، جو فيض الاهيءَ جي رنگ سان نوازيائون.

جناب امير المئومنين حضرت امام علي عليہ السلام جن اهڙن ئي فقيرن لاءِ فرمايو تہ:

"ابصر طريقه وسلک سبيله و عرف قنارٗ وقطع عماره فهو من اليقين علي مثل ضوءِ الشمش."

يعني: ان الله جو رستو ڏٺو ان جي راهہ تي هليو ان جي نشانين کي سڃاتو ان جي راهہ جي دشوارين کي عبور ڪيو اهو يقين سان ان درجي تي آهي، گويا اهو سج جي روشني ۾ سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو."

دراصل جڏهن اولياءَ الله پهريان جناب حضرت امام علي عليہ السلام جي نظر سان ان جي وجود ۾ علم، هدايت، فکر ۽ تقويٰ پيدا ٿئي ٿو. جهالت ۽ دنياوي محبت ان جي وجود مان نڪري ٿي. ان کان پوءِ اهو تلقين جي لائق ٿئي ٿو ۽ پيغمبر خدا حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن جي بيعت ڪري ٿو پوءِ مرشدي مرتبو حاصل ٿئي ٿو.

اولياءَ الله جي نظر ڪامل آهي ۽ ان جي زبان سيف الله آهي ڪامل جي ڳالهہ زبان تان نڪرندي ئي قبوليت ماڻي ٿي.

جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ:

"لسان الفقراءِ سيف الرحمن"

يعني: فقيرن جي زبان الله تعاليٰ جي تلوار آهي.

هاديءِ رهنما فقير صاحب کي وڏيڪ حڪم فرمايو تہ هاڻي اوهان هادي شهنشاهہ حضرت سيد صوفي چيزل شاهہ صاحب صوفي القادري ﷫ ڏانهن وڃو. پاڻ حڪم جي تعميل ڪندي با ادب اٿيا ۽ جناب عزت المعاب حضرت سيّد چيزل شاهہ صاحب صوفي القادري

ڏانهن روانا ٿيا. سائين جن پاڻ پنهنجي آستانه عاليه تي ڪچهري فرما هئا. جڏهن فقير صاحب ويجهو پهتا ته پاڻ سائين جن، فقير جي محبت ۾ اٿي بيٺا ۽ شفقت ڀري نظرن سان خوش آمديد چيائون. ليڪن فقير سائين کي اهو مناسب نه لڳو ته سندن مرشد سائين اُٿن. تنهن تي عرض ڪيائون ته "قبلا سائين! اوهان اسان جهڙن ناچيزن جي اڳيان نه اٿو." تنهن تي مرشد سائين فرمايو ته "پهلوان" تنهنجي اڳيان نه اٿون ته پلا بيو ڪنهن جي اڳيان اٿون؟ فقير سائين ٻيهر عرض ڪيو ته مالڪ سائين ڪنهن جي اڳيان نه اُٿن." تنهن تي پاڻ فرمايائون ته "چڱو ادا ٻيهر ڪنهن جي اڳيان نه اٿنداسين." ڪچهري برخاست ڪري سائين جن اٿيا ۽ فقير سائين سان گڏ پنهنجي خاص ڪمري ۾ وڃي ويٺا ۽ محو گفتگو ٿيا. گهڻي دير کان پوءِ فقير سائينءَ کي اجازت ڏنائون. هئي ڏينهن فقير سائين پنهنجي محبوب مرشد سائين کان اجازت وٺي واپس پنهنجي ماڳ (جيڪب آباد) رسيا.

امر موجب تورا تورا ماٿهو دست بيعت ڪيائون. بس فقط آمر جو ادب بجا آندائون. فقير صاحب پاڻ کي باطن ۾ رکڻ جي گهڻي ڪوشش ڪندا هئا ته جيئن ظاهر نه ٿيان. اهڙيءَ ريت پنهنجي شاعريءَ ۾ به اظهار ڪيو اٿن.

"لڪڻ لاءِ هيلا هزارين ڪيا اٿم،
اڇي عشق آفت اندر ۾ پيو اٿم.

پر عشق الاهي لڪڻ جهڙي شيءِ ناهي. فقير صاحب نيٺ ظاهر ٿي پيا ۽ پنهنجي باقي حياتي الله سائين جي محبت ذڪر ۽ فڪر ۾ گذاري رهڻي ڪهڻي

جناب حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا، گهٽ سمهندا هئا. سندن چهرو مبارڪ گهڻي رياضت ۽ عبادت جي ڪري زرد هوندو هُيو.

پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻه فرمائين ٿا ته:

"لڳا تير جگر چير لنگهه پار پئي هئي،
دل درد رنگ زرد هيٺان حال ٿئي هئي،
خوشي خواب ڏي جواب ننڊ نيڻين ڳئي هئي،
غم نوش خاموش پيش پيش ڏکان دي."

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي يڪ جاءِ ويهي هلڪي آواز سان ٻول ڪلام ٻه چوندا هئا. مگر انهيءَ سان گڏوگڏ اکين مان نير جاري هوندا هئن. هر وقت ڏکويل حالت ۾ هوندا هئا. جيئن پاڻ فرمائين ٿا ته:

"دلڙي مني دي باند هئي، ساعت نه هڪڙي واند هئي،
روئڻ اساڏي راند هئي، ڪڻ ساهه پر سُڏڪيان اُڇل،
هوئي دانهان ڪريندي درد دل جل ٻل جدائي داهيل،

فقير سائين سادو سفيد پوشاڪ ڍڪيندا هئا ۽ سادو ڪاڙو ڪائيندا هئا. صفائي پرهيزگاري، پاڪائي، با وضو با ادب، سخاوت ۽ سچائي اختيار ڪندا هئا. هر وقت دانشمند، باهمت ڪامراني سان اُجاگر هئا. ننڍين ۽ وڏن سان پيار ۽ اخلاق سان ملندا هئا. سخي ايترا هئا جو ڪو ٻه ماڻهو وٽن ايندو هو ته ڪيس بامراد ڪندا هئا. فقير صاحب پنهنجي ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ٻه عبادت سمجهي پاڻ ڪندا هئا.
انهيءَ متعلق فرمايو اٿن ته:

"لاشون ليڪا يار سان ويهي ڪجهه نه ڪن،
الله يرزق ني رحمتن اها ئي طلب رکن،
منهن ڏيئي مونن ۾ اهي ڪنبدي ئي ڳتن،
ڪري حيلا ساڻ هٿن، وڃي ڌر پڳا ڏٿيءَ سان."

فقير صاحب جن جي ڪرامت مان جيڪو ٻه ان وغيره ٿيندو هو سو ننگر ٻنيءَ لاءِ رکي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن فقراءَ وٽس ايندا هئا ته انهن لاءِ

ننگر پاڻيءَ جو بندوبست پڻ پاڻ ڪندا هئا. پاڻ ڪڏهن به ڪنهن سائل کي خالي هٿين نه موٽايائون.

ارشاد الاهي آهي ته:

واما سائل فلا تنهر

يعني: پوءِ ڪنهن به سائل کي ڇڙٻ نه ڏيو.

جڏهن مالڪن طرفان تاج پوشي ڪرايائون ته پوءِ زماني جي هلي چلي ۽ ڏيتي ليتي پنهنجي وڏي فرزند سائين رمضان فقير ﷫ جي حوالي ڪيائون. فقير سائين فرمائيندا هئا ته هن دنيا ۾ جيڪا به دولت آهي سا ڍونڊ مثل آهي ۽ هن جا طالب ڪتا آهن.

حديث شريف ۾ آهي ته:

"الدنيا جيفة طالبه کلاب.

يعني: دنيا ڍونڊ آهي، ان جا طالب ڪُتا آهن."

واضع رهي ته الله تعاليٰ ان فقيرن کي جي اسم الله جي حاضرات جا صاحب آهن. کين اها قوت عطا ڪئي ته اگرچه اهي چاهين ته غيب الغيب جو مؤڪل ۽ علم ڪيميا جا مؤڪل سنگِ پارس کي، جيڪو لوهه کي سون بڻائي ٿو آڻي انهن کي ڏيئي سگهن ٿا. پر اهي اهل الله فقراءَ جيڪي هميشه ظاهر ۾ غني دل ۽ باطن ۾ مجلس نبوي صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿين ٿا. اهي مؤڪلن جي مراتب قوم ڪيميا ۽ سنگِ پارس جي طرف نظر کڻي به نه نهاريندا. پر اهي فڪر فاقه سان پنهنجو خون جگر کائين ٿا. ڇو ته دنيا لعنتي آهي.

پاڻ وڏيڪ فرمائيندا هئا ته:

جيڪي مرد مولا وارا آهن سي نفس کي ماري مجائين ٿا.

جيئن پاڻ فرمايو اٿن ته:

"سمجهايو مون کي پيري مغان، صوفي سڏائج "پهلوان"،
ڇڏ حرص دنيا جي طمع، ڪر صاف دل وارو صحن"

فقير سائين روزانو معمول مطابق ئي وقت حضوري ڪچهري

پڻ ڪندا هئا. صبح، شام ۽ سماع، ڪچهري ۾ فقراء راڳ ويراڳ به ڳائيندا هئا.

فقير صاحب ظاهري پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ نه ڏهاڪي ۽ نه وري چلي ۾ ويٺا. پاڻ گهمندي ڦرندي زماني جي ڪم ڪار کي مدنظر رکندي پنهنجي مولا ۽ محبوب مرشد سائين کي راضي ڪيو.

جيئن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه فرمايو آهي ته:

"جهڙو چاليهان نه چاليهه، تهڙو پسڻ پرين جو
کهڙي ڪاتب تو ڪري، پنن متي پيهه،
جي ورق ورائين ويهه، ته به حرف مڙوئي هيڪڙو."

اهوئي جوان مرد ۽ سورهين جو ڪم آهي، جو اندر ۾ نفسي خواهشن ۽ سياهي غير جا سمورا، پردا ساڙي خاڪ ڪري پنهنجي نفس کي ماري پاڻ جيارن ٿا.

سائين جن جو حليه مبارڪ

رنگ زردي مائل
ڪشاده پيشاني
ابرو هلال وانگر
ڏگها چمڪدار وار
وڏيون ڳاڙهيون لال چشم
نڪ نوڪدار
شهپر سنت نبويءَ موجب.

موزون سونهاري مبارڪ، قدرتي رنگ سان گڏوگڏ مهندي جو ڳاڙهو رنگ به شامل هو.

پير لڪ دار
قد موزون قامت.

اهم واقعات

هڪ دفعي جو واقعو آهي ته جناب حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫، فقيري اظهارڻ کان اڳ ۾ پنهنجي زمين ۾ هر ڪاهڻ لاءِ ويا ته سائين جي مدد لاءِ چار پنج ڄڻا، جوڙن سميت گڏ ويا ۽ ڪم ۾ مصروف ٿي ويا. ڇا ڏسن ته پري کان هڪ مست مجزوبي حالت ۾ نظر پئي آيو ۽ رستو ڇڏي فقير صاحب ڏانهن رخ ڪيائين. ويجهو ٿي فقير سائينءَ سان مخاطب ٿيندي هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳو ته "واه جوان واه! اڃان به پاڻ کي لڪائي هر ڪاهين ٿو." فقير صاحب کيس جواب ۾ آهستي چيو ته "جيڪڏهن تون مون کي ظاهر ڪندين ته آءٌ به توکي هن وقت ئي ظاهر ٿو ڪريان." مجزوب اهو ٻڌي خاموش ٿي ويو ۽ با ادب اتان روانو ٿي ويو. ڪجهه وکون اڳتي هلڻ کان پوءِ نظرن کان غائب ٿي ويو. اها حالت ڏسي سيئي ساٿي گڏ ٿي فقير صاحب کان ان راز بابت معلوم ڪرڻ پئي چاهيو. پر پاڻ کين اهو راز نه ٻڌايو ۽ فرمايو ته اهو ماڻهو منهنجو واقف ڪو نه هو جيئن اوهان ڏٺو تيئن مون به" فقير صاحب جي جواب تي سيئي ساٿي خاموش ٿي ويا.

اها ڳالهه حق آهي ته الله سائين جا سچا عاشق هڪ ٻئي کي ڏسن ۽ سمجهن ٿا، پر عام کي نه ٿا ٻڌائين. عابد شخص هر روپ اختيار ڪري سگهن ٿا، ڪي ظاهر ۾ ته ڪي وري باطن ۾.

فقير صاحب جن واصل ڀلا درويش هئا. مرد ڪامل جي لاءِ ڪجهه به مشڪل نه آهي، هو صاحب عيان آهي، جو ڪجهه ظاهر ۽ پوشيده آهي، اهو سڀ کيس معلوم ٿئي ٿو.

هڪڙي پيري جناب حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ ۽ ملنگ فقير گولاٽو (جيڪو هميشه سندن خدمت ۾ گڏ هوندو هو) تنهائي ۾ ساٿس آستانه عاليه ۾ ويٺل هئا. ڳالهيون ڪندي ملنگ فقير حجت ڪري سائينءَ جي ٻانهن مبارڪ کي ورتو. ايتري ۾ پاڻ جلالي ۾ آيا ۽ فقير جي هٿ کي اڇلائيندي فرمايائين ته "اسان الائي ڪٿان جا پريم نگر جوڳي آهيون. هن دنيا ۾ ڪنهن سانگ سبب آياسين نه ته

اسان کي کهڙي ضرورت هئي هت اچڻ جي: جيئن پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ فرمائين ٿا تہ:

"سڪ صاف قديمي عشق عجب،
لڳو روز الستي تانگهہ طلب،
هتڙي راز رهايو آڻي سانگ سبب،
آهي آدم ڪئون اسان جو عشق اول،
پيو پيچ پنهل سان روز ازل،
لکيو لوهہ قلم ميثاق مهل."

وصال

حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ کي پنهنجي محبوب مرشد سائين سان تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت هئي. پاڻ پنهنجي مرشد پاڪ سان بيحد عقيدت ڪندي فرمايائون تہ:

"منهنجو مرشد سڀ جو مرشد آهي، سندس ڪاميلت تي شڪ پنهنجي ذات تي شڪ ڪرڻ آهي."

هڪ ڏينهن فقير صاحب جن پنهنجي آستاني تي ڪچهريءَ ۾ ڪرم فرما هئا تہ هڪ فقير فتح پور شريف کان آيو. فقير سائين اينديڙ ماڻهوءَ کي خوش آمديد ڪيو. معلوم ٿيو تہ حضرت محبوب مرشد سائين جن جي طبيعت مبارڪ نيڪ نہ آهي. اهو احوال ٻڌي پاڻ ڪجهہ وقت تائين خاموش رهيا. ٿوري دير کان پوءِ ڪچهريءَ ۾ هٿ مٿي ڪري بارگاهہ الاهيءَ ۾ التجا ڪيائون تہ "يا رب العزت تون رحيم، ڪريم، ستار، غفار ۽ ڪل شيءِ ٿي قدير آهي. منهنجا پساهہ پورا ڪر تہ جيئن مان پنهنجي محبوب سائين جي جدائيءَ جو ڏک نہ ڏسان. هيءَ دنيا مون کي ناپسند آهي. مان پنهنجي اصل وطن وڃڻ چاهيان ٿو تون رحم وارو مالڪ مهربان آهين. مون کي آخري صدمي کان بچاءِ. جو مون ۾ صدمي سهڻ جي سگهہ نہ آهي، جيئن مون مسڪين جو احوال مالڪن تائين پهچي."

دعا بارگاهہ الاهي ۾ منظور ۽ مقبول ٿي. ٿورن ڏينهن اندر فقير صاحب جي طبيعت مبارڪ ناچاڪ ٿي پئي ۽ وصال جو وقت ويجهو ٿيو تہ پاڻ ملنگ فقير سان مخاطب ٿي فرمايائون تہ "افسوس! جو اسان الائي ڪٿان جا مرد هئاسين، ليڪن هن دنيا ۾ ڪنهن بہ نہ سڃاتو." اهي لفظ چئي پاڻ پنهنجي وڏي فرزند سائين رمضان فقير رحمة الله عليه کي گهرائي خاص نصيحت ۽ هدايت فرمايائون تہ منهنجي وصال کان پوءِ مون کي پنهنجي زمين (يعني جتي هن وقت سندس درگاهہ شريف واقع آهي) اتي ئي رکجو منهنجي مقبري مٿان ڪو چادر يا غلاف نہ چاڙهجو ۽ نہ ڪو ڇپرو يا ڪوٺي ناهجو. جيڪڏهن مٿيءَ کي مان ڏيٺو اٿس تہ هو مالڪ آهي." اهي لفظ چئي سال 1358هجري جمادي الثاني جي ڇهين تاريخ تي سومر ڏينهن صبح جو ائين وڳي هن فاني دنيا کان رحلت ڪري دارالبقا ڏانهن راهي ٿيا.

حديث شريف آهي تہ:

"الا ان اولياءَ الله لايموتون بل سط من الدار الى الدار."

يعني: اولياءُ الله مرن نہ ٿا، بلڪ هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ ڏانهن منتقل ٿي وڃن ٿا.

سائين جن جي نصيحت ۽ هدايت موجب حڪم جي تعميل ڪيائون پئي ڏينهن تي ڏسن تہ مولا سائينءَ جو عجب نظارو آهي جو سائين جن جي مزار شريف جي مٿان سائي رنگ جي چادر پيل آهي. پاڻيءَ جون پريل مٽيون رکيل آهن ۽ هڪ ملنگ رياضت ڪندي نظر آيو.

اهائي مولا سائينءَ جو پنهنجي پيارن جي مٿان شفقت ۽ مهرباني آهي جو دنيا ۾ بہ ۽ وصال بعد بہ پنهنجي رحمتن جي برسات ڪري ٿو.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد جناب فيض المعاب حضرت صوفي سيد چيزل شاهہ صاحب صوفي القادري رحمة الله عليه جن فقير سائينءَ جي آستانہ عاليہ تي تشريف فرما ٿيا. فقير سائين جي وڏي فرزند سائين رمضان فقير کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان تاج پوشي ڪرائي. فقير صاحب جو جاءِ نشين مقرر ڪيائون ۽ خاص هدايت ڪندي فرمايائون تہ "جيئن

فقير صاحب جا مقرره اصول هئا. توهان به ان جي نقش قدم تي هلجو" فقير صاحب مالڪن جو حڪم اکين تي رکي، باادب عرض ڪرڻ لڳو ته قبلا سائين! اندر حويليءَ ڏانهن مالڪ جن، قدم مبارڪ گهمائين. عرض قبول پيو ۽ مرشد سائين اندر حويلي ڏانهن گامزن ٿيا. جيئن حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ پنهنجي پيري مغان جي قدم مبارڪ پري اچڻ جي آس هئين بيان فرمائي آهي:

"آوي رانجهن آويءَ منهن مهتاب وڪاويءَ
اڱڻ اساڏي تي ول ماهي، قدم مبارڪ پاوي"

ان وقت فقير سائين جن جا گهر ڪچا ۽ ڪکاوان هئا، مرشد سائين اهي ڪچا ۽ ڪکاوان گهر ڏسي فرمائڻ لڳا ته واهه جوان واهه! مرد ڪکن پر لعل تي نڪتو" وڏيڪ فرمايائون ته واقعي ادا! جهڙو ٽنهنجو نالو "پهلوان" هو تهڙو ثابت ڪري ڏيکاريو اٿئي" اهي لفظ چئي پاڻ سائين جن روانا ٿيا.

حضرت سائين رمضان فقير صوفي القادري ﷫ پنهنجي مرشد پاڪ جي فرمان موجب پنهنجي والد سائينءَ جا نقش قدم ۽ مقرره اصول عين فرض سمجهي سرانجام ڏيندا رهيا. پر فقير سائينءَ کي پنهنجي والد صاحب جي جدائيءَ جو گهڻو صدمو رسيو ۽ دل جو اوير، اندر سانڍي ڪو نه سگهيا. درد منجهان دانهن ڪري پنهنجي شاعريءَ جي هڪ ڪلام پر فرمايائون ته:

ٽل: اڄ وڇڙيا دل دا جاني، سارا فقر ٿيا ارماني.

1. ڪيتني ڏينهن سومر دي تياري، تاريخ ڇهين همواري،
ساڏي سيني وچ ٿيا غم جاري، اها ماه جمادي الثاني.

2. تينو فيض فتح پور مليا، اها هوڪا هرجاءِ هليا،
سهڻل سر هاتي کي جُليا، تيکون مليا تاج شاهاني.

3۔ درگاهہ تيڏي تي سوالي، اهي مور نہ ويسين خالي،
فقير فتح پور والي، ڪر "رمضان" تي احساني

حضرت صوفي رمضان فقير صوفي القادري رحمة الله عليه جي شاعريءَ مان ڪافي ڪلام هئا. هڪ ڏينهن جناب فيض المعاب حضرت صوفي سيد چيزل شاهہ صوفي القادري رحمة الله عليه فقير سائين سان مخاطب ٿيندي فرمايو تہ "اوهان پنهنجي شاعري في الحال بند ڪريو تہ جيئن فقير پهلوان جي شاعري عام ٿئي" پاڻ مرشد سائينءَ جي حڪم موجب جيڪي بہ شاعري مان نڪتل ڪلام هئا، سي بہ غائب ڪري ڇڏيائون. ۽ عشق جو اوير اندر رکي ماٺ ڪيائون.

حضرت صوفي رمضان فقير صوفي القادري رحمة الله عليه پنهنجي والد جي جدائي برداشت ڪو نہ ڪري سگهيا ۽ سندس وصال بعد صرف ٻہ سال حياتي ماڻي ۽ وصال جو جام نوش فرمائي، پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليا.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ حضرت صوفي مدد علي فقير صوفي القادري رحمة الله عليه جن کي مالڪن طرفان دستاربندي (تاج پوشي) ڪرائي سجاده نشين مقرر ڪيو ويو. فقير مدد علي سائين بہ ساڳئي ريت پنهنجي والد صاحب جا مقرر ڪرده اصول اختيار ڪيا.

ڪجهہ ورهين گذرڻ بعد سائين مدد علي فقير بہ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري دارالبقا ۾ سڪونت پذير ٿيا. سائين جن جي ۽ سندس وڏي ڀاءُ جناب صوفي رمضان فقير رحمة الله عليه جون مزار شريف والد سائين جي روضہ مبارڪ اڳيان واقع آهن.

ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ جناب فيض المعاب حضرت صوفي سيد چيزل شاهہ صاحب صوفي القادري رحمة الله عليه سجاده نشين درگاهہ فتح پور شريف جن فقير صاحب جي درگاهہ تي تشريف فرما ٿيا ۽ حضرت صوفي رند علي فقير صوفي القادريءَ جن کي دستور مطابق، دستاربندي ڪرائي، درگاهہ شريف جو سجاده نشين مقرر ڪيو. فقير رند علي

سائين جن بطور درگاهہ شريف جي سجاده نشينيءَ جا فرائض پنهنجي پوري ذميواريءَ سان ادا ڪيا.

مختصر حالنامو

جناب حضرت صوفي رند علي فقير صوفي القادري ﷫ سن 1930عيسوي ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ رند واهي جاگير ۾ حضرت صوفي پهلوان فقير صوفي القادري ﷫ جي گهر پيدا ٿيا.

سائين جن ننڍي هوندي کان ئي سلڇڻا، فرمان بردار، محنتي، دانشمند، باهمت ۽ ڪامرانيءَ سان اجاگر هوندا هئا. فقير صاحب جي پنهنجي والد محترم سان بيحد محبت ۽ پيار هوندو هو ۽ سندس والد بہ مٿس گهڻو مهربان هئا. پاڻ جڏهن چوڏهن سالن جا ٿيا تہ سندس والد صاحب هن دنيا کان وصال فرمايو ۽ ائين ئي پاڻ پنهنجي ننڍپڻ جي عمر ۾ ئي والد جي پيار ۽ شفقت کان محروم ٿيا، پر پنهنجي جوان مردي ۽ همت سان والد صاحب جو صدمو برداشت ڪيائون .فقير صاحب ننڍي هوندي ئي رياضت، عبادت، محنت ۽ عشق الاهي ۾ محو هوندا هئا. فقير سائين ظاهريءَ ۾ ڪو بہ علم پڙهيل ڪو نہ هئا، پر الله وارن درويشن کي ظاهري علم پرائڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ هوندي آهي ڇو تہ عاشقن کي الله تعاليٰ جي طرفان علم لُدني عطا ٿيل هوندو آهي.

فقير رند علي سائين ننڍي هوندي ئي تقريباً ويهن ورهين جي عمر ۾ جناب فيض المعاب حضرت صوفي سيّد چيزل شاهہ صاحب صوفي القادري ﷫ سجاده نشين درگاهہ فتح پور شريف کان دست بيعت ٿي. جتان پاڻ حقيقي فيض جو بهرو ورتائون. پاڻ پنهنجي سچي رب جي رضامندي خاطر بچپن کان وٺي آخري دم تائين ذڪر الاهي ۾ دم عروج نزول سان اسم اعظم پڪاوت سان پڙهي پڪو ۽ پختو ڪيائون. فقير صاحب پنهنجي مرشد سائين جن جو سچو عاشق هو ۽ مرشد سائين بہ مٿن بيحد مهربان هوندا هئا.

جناب حضرت صوفي رند علي فقير صوفي القادري ﷫ جن

پنهنجي سڄي زندگي والد بزرگ جي درگاهه شريف تي رياضت ۽ عبادت ۾ گذاري. فقير صاحب سڀ کان پهرين پنهنجي والد صاحب جي مزار شريف جي مٿان ڪچي ڪوٺي نهرائي ۽ پوءِ درگاهه جي پر سان ڪچا مسافر خانا ۽ لانڊيون نهرايون ڪجهه عرصو گذرڻ بعد سندس والد بزرگ جي روضي مبارڪ کي پڪو ڪرڻ جو خيال ۽ شوق جاڳيو. تعمير نئو شروع ڪرائيندي جڏهن آٽرو (چري) تيار ڪري، صبح جو بنياد کڻڻ وارا هئا ته رات ٿي وئي ۽ ٻه فقير اتي ئي روضي مبارڪ تي رهي پيا ۽ اوجاڳو برداشت نه ڪندي ننڊ پئجي ويا. آڌيءَ رات جو جناب حضرت صوفي سيّد چيزل شاهه صوفي القادري رحمة الله عليه جن فقير صاحب جي درگاهه تي ڪرم فرما ٿيا ۽ روضي مبارڪ جو ڪم ڏسي بيحد خوش ٿيا. مرشد سائين پنهنجي خاص فقير سان مخاطب ٿيندي فرمايائون ته "اسان ٻه چڱي موقعي تي پهچي ويا آهيون. ڇو نه فقير جي رياضت اسان ٻه ڪيون." پاڻ ايترو فرمائي اتان ٻه سرون کڻي پنهنجي مبارڪ هٿن سان آٽي آٽري ۾ رکيائون. اهڙي طرح روضي جو بنياد ٻڌي، سائين جن روانا ٿي ويا. صبح جو انهن سرن مٿان فقير صاحب جن ڪم شروع ڪرايو. آخر ڪجهه وقت کان پوءِ. جيڪو هيئنر روضو مبارڪ آهي، تيار ڪري، پر سان هڪ عاليشان مسجد نهرايائون. جتي هاڻي ٻه الله سائينءَ جا بنده پنج وقت بندگيءَ لاءِ حاضر ٿيندا آهن. فقير سائين درگاهه شريف ۾ مسافرن لاءِ ٻه پڪ سرو مسافر خانو ۽ لانڊيون تعمير ڪرايون ۽ پنهنجي محبوب مرشد سائينءَ لاءِ هڪ عاليشان بنگلو تيار ڪرايو. جتي سندن مرشد آرام فرما ٿيندا آهن. مطلب ته درگاهه شريف جو سڄو ڪم پاڻ پنهنجي هٿن سان اولين فرض سمجهي سرانجام ڏيندا رهيا. حضرت سيّد چيزل شاهه صاحب صوفي القادري رحمة الله عليه فقير سائين تي ايتري قدر مهربان هئا جو نه آڌي ڏسندا هئا، نه مانجهي. بغير ڪنهن اطلاع جي فقير سائين جي درگاهه تي تشريف آور ٿيندا هئا. فقير صاحب جن جيڪو ٻه نئون رياضت (ڪم) شروع ڪندا هئا ته سائين جن ٻه انهي ڪم ڏسڻ لاءِ ضرور اچڻ پسند ڪندا هئا.

هڪ دفعي مرشد سائين، فقير سان مخاطب ٿيندي فرمايو ته "فقير تون اسان جي دل ٺاري آهي. اوهان جي رياضت ۽ محبت ڏسي، اسان تمام خوش آهيون." پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته "فقير اسان توتي راضي آهيون، راضي آهيون، راضي آهيون. هر ڪنهن کي الله تعاليٰ اوهان جهڙو اولاد عطا فرمائي. جيڪي پنهنجي والد کي مرشد سمجهي خدمت ڪن." ايتري ۾ فقير سائين باادب عرض ڪرڻ لڳو ته "قبلا سائين مان ته ڪجهه به نه آهيان. بس هي ته مالڪ سائين جن جا قرب ڪمال آهن، نه ته بندي کي ڪهڙي طاقت آهي."

